**ڊاڪٽر غفور ميمڻ**

# شاهه لطيف ۽ سندس ڪردارن جون ذهني ڪيفيتون

***Abstract***

**Intelligence qualities of Shah Latif and his characters**

*Modern psychology proves that there is more intelligence in human being that represents the different qualities in him. He who doesn't have good IQ doesn't mean that the person is dull. The global era is much more conflicted and excited. Man is indulged in stupid competition and becomes routinized person this is crisis of identity. Person has lost his spirit, therefore person has much more need of EQ (Emotional intelligence) and SQ (Spiritual intelligence) and also he should have awareness about PQ (Physical intelligence). Then and there we would know the meaning of life.*

*History of Sindhi literature shows many characters which have their own ups and downs. Shah was a major character. He introduces many stories of territory of Sindh which are symbols and Signs of wisdom, intelligence, tact, struggle and other mystical approaches.*

*My researches area is connected to other subjects. It has landscape area. Absolute literature is nothing. Writer and academic reader must know about other subjects like natural science, normative science, and social science. So this research paper is connected with socio psychology and the inner power of man.*

*Shah Latif is genius poet. He reflects the true nature of man, intelligence of characters, thought content in this research I described the various types of intelligence of the story characters of Sindh which can give us awareness about the different aptitude .*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**انساني** اظهار جا چار عنصر آهن، 1. جسم، 2. دماغ، 3. دل ۽ 4. روح. انهن سڀني عنصرن کي فطرت ۽ سماج سان وهنوار لاءِ هر عنصر کي پنهنجو ڪم سونپيل آهي. انسان جي سچي شخصيت ۽ سندس نفسيات انهن چئن عنصرن جي ڪارڪردگي تي منحصر آهي. علم نفسيات موجب جسم جي نمائندگي سندس خود ڪار حياتياتي نظام ذريعي ٿيندي آهي، دماغ جي نمائندگي ذهن جي ذريعي ٿيندي آهي، دل جي نمائندگي جذبن ذريعي ٿيندي آهي ۽ روح جي نمائندگي انسانيت، احساس، پاڻ سڃاڻڻ ۽ خدا ترسي ذريعي ٿيندي آهي. علم نفسيات ۾ انهن چئن عنصرن کي هن ريت

سجاتو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. دماغي ذهانت | Mental Intelligence (IQ) |
| 2. جذباتي ذهانت | Emotional Intelligence (EQ) |
| 3. جسماني ذهانت | Physical Intelligence (PQ) |
| 4. روحاني ذهانت | Spiritual Intelligence (SQ) |

انهي ڪان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي ذهانتون آهن، جهڙوڪ: وجداني ذهانت، لسانياتي ذهانت، منطقي ذهانت، موسيقيءَ جي ذهانت، پنهنجي ذات ڪي پرکڻ جي ذهانت ۽ قدرتي نظارن ڪي پرکڻ جي ذهانت وغيره.

## 1.دماغي ذهانت - IQ :

اسان جو ڏسڻ، محسوس ڪرڻ، سوچڻ، تجزيو ڪرڻ، ٻولي سکڻ، ڳالهائڻ، حاضر جوابي، پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ انهن سڀني جو تعلق ذهني يا دماغي صلاحيت سان آهي عام طور سان هن صلاحيت کي ڏاڍي اهميت ڏني ويندي آهي 20 صدي جي آخر تائين IQ کي ڏاڍي اهميت ڏني ويندي هئي، ماڻهوءَ جي ذهانت جو معيار IQ کي ئي سمجهيو ويندو هو، دنيا جي عظيم ماڻهن کي پرکڻ لاءِ سندن IQ ئي جاچي ويندي هئي اسان وٽ تعليم جو معيار بہ انهي تي رکيل هو. شاگرد جي حاضر جوابي، حسابن ۾ هوشيار، پرولي يا ڳجهارت سلڻ وغيره اسان وٽ ڪيترا ئي قصا ۽ ڪهاڻيون بہ انهيءَ ذهانت تي رکيل آهن، جيئن ٻڪرار ۽ بادشاهہ جا سوال جواب، بادشاهہ ۽ وزير جا سوال جواب وغيره، عام طور ڪامياب ۽ هوشيار ماڻهو ان کي ئي سمجهيو ويندو هو جنهن جي IQ سٺي هوندي هئي. 20 صديءَ جي آخر ۾ علم نفسيات جي ماهرن انهيءَ تي غور ڪيو تہ ڪجهہ اهڙيون شخصيتون آهن جن جي IQ سٺي نہ هئي پر انهن تاريخ ۾ وڏا ڪارناما سر انجام ڏنا آهن، سو آخر ڇو ؟ مثال طور ايڊيسن (Edison)، آئنسٽان (Einstein)، مائيڪل انجلو ( Michelangelo) ۽ سگمنڊ فرائڊ ( Sigmund Freud) وغيره، تڏهن سائنسدانن انهيءَ تي غور ڪيو تہ ڪهڙي ذهانت آهي جنهن هنن کي بلنديءَ تي پهچايو؟ ڪوج لڳائڻ کان پوءِ اها خبر پئي تہ اها Intelligence Emotional آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جذباتي ذهانت (Emotional Intelligence ):

جذباتي ذهانت دراصل پنهنجي ذات جي آگاهي، سماجي حساسيت، ٻئي جي جڳهه تي پاڻ کي رکي ان جي پنهنجي درد ۽ سک کي سمجهڻ. يعني (Empathy)(1) پنهنجي ڳالهه کي ڪاميابيءَ سان ٻئي تائين پهچائڻ جي طاقت، پنهنجي ردعمل تي ڪنٽرول ڪرڻ، وقت ۽ حالت جي نزاڪت کي سمجهڻ، بهتر کان بهتر حل ڳولي ڪڍڻ، مختلف ماڻهن جي طاقت، ڪمزوري، عزت ۽ هلڪڙائپ کي سمجهڻ وغيره.

عام طور سان انهيءَ کي دماغ جي ساڄي حصي جي طاقت سمجهيو ويندو آهي. اسٽيون آر ڪووي (Stephen R Covey) جو چوڻ آهي ته:

"It was some time described as right-brain capacity, as distinguished from left brain capacity. The left brain was considered the more analytic, the site of linear thinking language, reasoning and logic, the right brain the more creative, the site of intuition, sensing and holistic." (2)

جذباتي ذهانت هن دور ۾ انتهائي اهميت اختيار ڪري چڪي آهي، جو ته هي دور سٽ سماءِ ۽ واپاري وهنوار جو دور آهي هن ۾ ماڻهو ڏاڍو تڪڙو ۽ هر قدم تي جلد بازي ۾ فيصلا ڪندو رهندو آهي، انهي ڪري جذباتي طاقت ۾ توازن ضروري آهي خاص ڪري انتظامي معاملن ۾، روين ۽ وهنوار ۾ EQ ڏاڍي اهم آهي هن طاقت ۾ توازن رکڻ وارو ماڻهو ڪنهن ڳالهه تي رد عمل بجاءِ ڌيان ڏيندو، همدردي ۽ Empathy، مسيحائي، ٻئي جي نفسياتي حالت کي سمجهي ساڻس وهنوار ڪندو. EQ اها ڳالهه به سيکاري ٿي ته توهان کي پاڻ تي ڪيترو ڪنٽرول آهي، ڏکين حالتن ۾ توهان ڪهڙو رد عمل ٿا ڪريو، ٻئي ماڻهو جي موقف کي ڪيترو اهم سمجهو ٿا. جذباتي ذهانت ۾ اهم شيءِ مهذب پڻو (sublimation) آهي. توهان جبلي ضرورتن ۽ حالتن جي ڪوڙاڻ کي، اندر جي طاقت ناهي، تخليقي طاقت ۾ ڪيتري قدر تبديل ڪري سگهو ٿا. دنيا ۾ ڪامياب ۽ دائمي اثر رکندڙ اهو ماڻهو رهيو آهي جنهن جي جذباتي ذهانت (EQ) مظبوط رهي آهي.

## جسماني ذهانت (Physical intelligence ) :

توهان جو جسم، بغير حڪم جي يا شعوري توجهه جي پنهجو ڪم ڪندو رهندو آهي، توهان جو ساهه کڻڻ وارو سرشتو، اعصابي نظام، دل جو ڌڙڪڻ ۽ دماغ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خود بخود پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن اها توهان جي جسماني ذهانت آهي جيڪا توهان جي ٻين ذهانتن سان ڳنڍيل آهي، جي جذباتي طور توهان توازن مان نڪرندا ته جسم به متا ثر ٿيندو.

توهان جي صحت جڏهن خراب ٿيندي آهي ته توهان جي بيماري دراصل هڪ قسم جو اشارو هوندو آهي ته هاڻ توهان پنهنجي جسم جي خود ڪار نظام ۾ مداخلت ڪريو پوءِ توهان ڊاڪٽر کي ڏيکاريندا آهيو ۽ دوا و ٺندا آهيو پر ساڳئي وقت جسم ۾ پاڻ ٺيڪ ٿيڻ جي خود ڪار صلاحيت به موجود هوندي آهي دوائون ته رڳو ان نظام کي مظبوط ڪنديون آهن اسان جو جسم هڪ بهترين خود ڪار مشين آهي پر ٻين ذهني حالتن تي ان جو دارو مدار آهي، اچ ڪلهه جسماني ذهانت تي وڌيڪ توجهه ڏنو وڃي ٿو ڇو ته واپاري سماج ۾ جسم به وکر وانگر وڪجي ٿو.

## روحاني ذهانت (Spiritual Intelligence):

روحاني ذهانت شخصيت جي گهرائي، عقل، علم، دانش، انسانيت، پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي اهميت کي سمجهڻ لاءِ ڏاڍي اهم آهي. روحاني ذهانت، سيني ذهانتن جي بهتريءَ لاءِ بنيادي ڪم ڪندي آهي. رشتا، ناتا، احساس، جذبا، پيار، عبادت، عاجزي، انڪساري ۽ خدا ترسيءَ جهڙا جذبا صرف روحاني ذهانت جي مضبوطيءَ سان پيدا ٿيندا آهن.

روحاني ذهانت، انسان کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ ڪوشان هوندي آهي ۽ ساڳئي وقت لامحدود وسعتن سان ڳنڍيي رکندي آهي. روحاني ذهانت انسان لاءِ هڪ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ آهي جيڪا ضمير جو آواز به بنجندي آهي ته خوبصورت خواب ۽ تعمير جي جدوجهد لاءِ به همٿائيندي آهي.

وليم بلوم (William Bloom) روحاني ذهانت لاءِ چوي ٿو:

> "What do I mean spiritual? I simply mean that whole reality and dimension which is bigger, more creative, more loving, more powerful, more visionary, wiser, and more mysterious- than materialistic daily human existence" (3)

انهن ذهني ڪيفيتن جو مرڪز ۽ حصول الڳ الڳ آهي عام طور سان اسين سمجهندا آهيون ته اهي ذهانتون صرف قدرتي طور ملنديون آهن پر حقيقت ۾ انسان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ ننڍڙي ڪائنات آهي ان ۾ هر شيءِ موجود آهي. صرف حالتون ۽ ڪوششون انهن گڻن يا اوگڻن ڪي اپاريندڙيون آهن. زندگي جا تجربا ۽ وقت جو وهنوار بهترين استاد آهن جيڪي توهان کي سيکارين ٿا. ڏک، سک، وڇوڙو، پيار، نفرت، پسند نا پسند، موت، بيماري، غربت، اميري، طاقت ۽ هيٺائپ اهي سڀ تجربا آهن جيڪي انسان کي سيکارين ٿا پر شرط اهو آهي تہ انسان انهن حالتن مان پرائي ۽ مشاهدو ڪري جيڪو ماڻهو پنهنجي بصارت وسيع رکندو، حواسن کي صحيح طرح استعمال ڪندو، جڏهن هو سڻو ٻڌندڙ ۽ سڪندڙ هوندو، ايماندار هوندو تہ هن جي ذهني ۽ دماغي ذهانت وڌندي.

وري جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زندگي، صحت جي ضابطي ۽ اصول تحت گذاري ٿو ۽ حدبنديءَ سان ڪائي پئي ٿو، يعني پنهنجي جسم جو استعمال حدبندي ۽ ايمانداريءَ سان ڪري ٿو، تہ هن جي جسماني صحت (Physical intelligence) وڌي ٿي. پنهنجي جسم جو استعمال ۽ جسم جي گهرج کي سمجهڻ هڪ وڏو فن آهي، گهڻا ماڻهو پنهنجي مزي ۽ سرور ۾ پنهنجي جسم کي ضايع ڪندا آهن، مثال طور: موالي نشو ڪري ٿو ۽ هو هڪ مخصوص سرور کي حاصل ڪري ٿو پر پنهنجو جسم ضايع ڪري ٿو معنيٰ هن ماڻهو جي صحت (Physical intelligence) ڪمزو ٿيندي.جڏهن جسماني صحت خراب ٿيندي تہ دماغي صحت بہ ڪمزور ٿيندي.

جذباتي ذهانت جو تعلق جذبن جي قوت ۽ عمل جي رد عمل سان آهي. دنيا جا هزارين رد عمل اسين سوچڻ سمجهڻ کان بغير ڪندا آهيون EQبنيادي طرح جانور ۽ انسان جي وچ ۾ سنڌو آهي ماڻهوءَ جي EQ ڪمزور آهي تہ ماڻهوءَ ۾ جانور واريون خصلتون وڌيڪ پيدا ٿينديون پر جي EQ مظبوط اٿس تہ ڪيترن ردعملن تي انسان سوچ ويچار سان مهذب طرح سان پيش ايندو، EQ وڌائڻ جو طريقو اهو آهي تہ توهان پنهنجي ڪمزورين کي پڙهو، غور ڪريو توهان جون ڪمزوريون ڪهڙيون آهن؟، ڪٿي توهان جو رد عمل ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهوءَ تي تنقيد ڪري ٿو تہ ان کي مثبت وٺو ۽ سوچيو تہ توهان ۾ ڪهڙي کوٽ آهي؟ جيڪڏهن اها حسد ۽ ساڙ وچان آهي تہ توهان جو رد عمل انهي ماڻهوءَ کي سنڌس نيڪين ۽ سٺاين کي ياد ڏيارڻ هئڻ گهرجي، جي توهان جي EQ مظبوط آهي تہ توهان ٻئي کي احساس ڪمتري مان ڪڍي سگهو ٿا، جيڪڏهن توهان جي روحاني طاقت مظبوط آهي تہ توهان ڏاها (Genius) ٿي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سگهو ٿا ڇو تہ روحانيت جو بنياد ضمير تي، خدا ترسيءَ تي، پيار تي، قرباني، عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ تي آهي. ماڻهو جي بنيادي صلاحيتن جا ٽي ٿنڀ آهن جن تي هن جي شخصيت جي واڌ ويجهہ ٿيندي آهي. هڪ علم ٻيو ارادي جي مظبوطي ۽ ٽيون پيار. اهي ٽيئي شيون انسان جي روحاني طاقت وڌائيندڙيون آهن.

ڪانٽ چيو هو تہ: ” مان مسلسل ٻن شين تي حيران آهيان، هڪ اخلاقيات ٻيو جنت. جنت آسمان تي آهي ۽ اخلاق توهان جي اندر ۾ آهي.“(4) انهي اخلاقيات جو بنياد ضمير تي آهي، جنهن کي گهڻا ماڻهو خدا جو آواز سمجهندا آهن، ظاهري طرح تہ خدا جو آواز تہ هر ماڻهو جي اندر ۾ آهي پر اهو ٻڌڻ ۾ ڇو نٿو اچي ؟ صوفي چون ٿا تہ اها انا، غرور، حسد، ساڙ ۽ ڪروڌ آهي جنهن جي ڪري انسان خدا جي آواز کان محروم آهي،بنيادي طرح انا جي پنهنجي دنيا آهي جنهن ۾ خود غرضي، ٻئي کي تڪليف ڏيڻ، ساڙ، ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو جتي انا آهي اتي وڏائي آهي ۽ جتي وڏائي آهي اتي علم ناهي، جهالت آهي جهالت ماڻهو جي سماجي ڪارج کي گهٽائي ٿي مڪمل منفي خيال، ماڻهو ۾ پيدا ٿين ٿا ماڻهو حقيقت پسند نٿو رهي ۽ آهستي آهستي ماڻهوءَ ۾ رجعت پسندي، دخل اندازي، آمريت پيدا ٿئي ٿي ۽ ضمير مري وڃي ٿو. ضمير ۽ انا جو تڪرار، مهاتما گانڌيءَ هن ريت سمجهايو تہ: ” جڏهن دولت بغير محنت جي حاصل ڪجي، لذت بغير ضمير جي، علم بغير ڪردار جي، واپار بغير اخلاقيات جي، سائنس بغير انسانيت جي، پوڄا بغير قربانيءَ جي، سياست بغير اصولن جي تہ پوءِ اها صورت حال صرف خود غرضي ۽ انا جي آهي، جنهن ۾ انسان جانور بنجي وڃي ٿو.“(5)

اهڙي صورت حال جڏهن بہ، جنهن سماج ۾ پيدا ٿئي ٿي تہ اتي علم جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا، شخصيت ۽ سماج جي ٽوڙ ڦوڙ شروع ٿي وڃي ٿي، ماڻهوءَ جي روحاني ذهانت ۽ جذباتي ذهانت ختم ٿي وڃي ٿي، سماج ۽ ماڻهو روح کان خالي ٿيو وڃي، مادي حصول جي ڊوڙ شروع ٿيو وڃي، ماڻهو مشين بنجيو پوي، هر طرف ڪوڙي واڪاڻ، چاپلوسي، جڳاڙبازي، دوکو، حسد، شروع ٿيو وڃي، پورو سماج بيمار ۽ جڏو ٿيو پوي، روح کان خالي سماج جنهن ۾ اڪيلو پٽڪندڙ ماڻهو، جهيڙو ڪندڙ، نفرت ڪندڙ ماڻهو، مادي لذت ۽ ڏيکاءُ پٺيان ڀڄندڙ ماڻهو، ويڪائو ۽ ياڙيو ماڻهو، زندگي بي مقصد گذاري رهيو آهي. اهڙي سماج ۾ نہ عزت، نہ پيار، نہ شرافت ۽ نہ انصاف، هر طرف خوف ۽ دهشت. ماڻهو اميدن ۽ خوابن کان خالي ٿي زندگي گذاري ٿو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ شاهه ۽ سندس ڪردارن جون ذهني ڪيفيتون:

ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن،

سرتيون سارو ڏينهن، حال ناهي هيڪڙو.

ڪهڙي نہ عجيب صورت حال آهي؟ انسان جي ذهن جون ڪيتريون ڪيفيتون آهن پر انهن سڀني ڪيفيتن جي توازن گهرجي، جيڪر توازن نہ رهي تہ انسان چريو ٿي پوي. شاهه لطيف جي ڪردار کي اسان سامهون رکي جائزو وٺنداسين منهجس ڪيتري قدر توازن هو؟، مشهور واقعو آهي تہ جڏهن شاهه لطيف کي مغل بيگ جي نياڻيءَ سان عشق ٿي ويو تہ پاڻ صبر سان انهي محبت کي سانديو، سيني ۾ رکي هلندو رهيو ڪوبہ ابهرائپ وارو قدم نہ ڪنيائين، پنهنجي اندر ۾ جذبن کي هڪ تخليقي طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيائين اندر جي بيچيني، vital force, anxiety, excitement کي هن علمي، فڪري صلاحيتن ۾ تبديل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سڄي سنڌ پيرين پيادو سفر ڪندو رهيو، ڪڏهن جوڳين سان، ڪڏهن سامين سان، پنهنجو پاڻ کي فطرت سان هم آهنگ ڪندو رهيو سنڌ جي چپي چپي جي ثقافت، ٻولي،ماڻهن جي وٽج واپار ۽ هر شيءِ کي پنهنجي تخليق ۾ جڳهه ڏيندو پنهجي اندر ۾ اوتيندو ويو. پنهنجي محبت کي تخليق جي سمنڊ ۾ تبديل ڪري سنڌ کي سيراب ڪري ڇڏي ٿو. شاهه جو علم (Wisdom)، دور انديشي (visions) ۽ ارادو (will) جيڪي ذهني ڪيفيتن جا بنياد آهن شاهه انهن ۾ ڪيترو مضبوط آهي اچو تہ ڏسون

شاهه وٽ علم جو تصور اهو ناهي جيڪو اڄ جي دور ۾ آهي، شاهه وٽ علم آگهيءَ جو نالو آهي، پاڻ سڃاڻڻ جو نالو آهي، ڪردار سازي جو نالو آهي، انساني روين کي اجاگر ڪرڻ جو نالو آهي. اچو تہ هن شعر کي ڏسون.

اوريان ئي آٽين، ميڙي معلم خبرون،
سا تان سڌ نہ ڏين، جت ويهہ ويڌ ڪري.
(سريراڳ 3/18)

اها سڌ ڪهڙي آهي ؟ اها سڌ جيڪا ذهني ڪيفيتن کي توازن ۾ آٽي ماڻهوءَ کي مضبوط ڪري. سائنسي علم مادي علم آهي، مادي سهوليت جو حصول زندگيءَ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ضروري آهي پرمادي علم، انسانيت، پيار، همدردي، احساس ۽ جذبا نٿو جاڳائي، ڪردار جي همٿ ۽ مضبوطي جي لاءِ ڪنهن ٻئي علم جي ضرورت آهي. جيئن:

جو چليون پسي چڪيو، تنهن واڪاٽئو وڪ،
لڏي ڪين لطيف چئي، لڪن اڳيان لڪ،
پير نه موڙي پانهجو، تنگي پيئي تڪ،
سرٽن ڏي نه سڪ، هڪل سين هالار ڏٽي.
(بلال 1/2)

هن بيت کي هن طرح به پڙهي سگهجي ٿو،
جو چليون پسي نه چرڪيو، تنهن واڪاٽيو وڪ،
لڏي ڪين لطيف چئي، لڪن اڳيان لڪ،
پير نه موڙي پنهنجو تنگي پيئي تڪ،
سرٽن ڏي نه سڪ، هڪل سين هالار هٽي.

هڪ ڪردار جي مضبوطي ۽ بهادريءَ جي منظرڪشي هن شعر ۾ موجود آهي جنهن ڪردار ۾ هر ذهن جي ڪيفيت سچ لاءِ وقف آهي. ڊپ، ڪانئرتا، چاپلوسي، ۽ ويڪائو ماڻهو وٽ ڪابه ذهانت ناهي. انهيءَ ڪري انسان جي تاريخ ۾ سچ خاطر ماڻهو سوليءَ تي چڙهيا آهن. بهادر انهن کي چئبو آهي جو توهان جيڪو به عمل ڪريو ان جي انجام کان واقف هجو پر پوءِ به بي ڊپائيءَ سان اهو ڪم ڪريو. هتي ذهانت جو مطلب صرف حرفت (Cunning) ناهي، ذهين ماڻهو وٽ ڪيترو صبر آهي، برداشت ڪرڻ جي قوت اٿس، ڪيڏو بي لوث آهي ۽ ڪيترو سچ تي قائم رهي ٿو.

شاهه سائين وٽ علم محدود ناهي. شاهه سائين وٽ ڪائنات جي وسعتن کان وٺي مابعد طبعيات تائين علم جون سرحدون آهن، شاهه سائين وٽ علم سچ جي تلاش آهي، ڪوڙ مڪر ۽ فريب کي شاهه نندي ٿو.فرمائي ٿو:

ويهه مَ تنين وٽ، جي سڃاڻن نه سچ کي،
امل کي اڏ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ،
مهر تنين سين مٽ، پارکو جي پارس جا.
(سريراڳ 4/20)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بنيادي طور علم کي اسان جي دنيا، مادي حصول جي حرفت سمجهيو آهي، جنهن ۾ غرور ۽ تڪبر ۽ وڏائي آهي.

انا، تڪبر، غرور جو بنيادي سبب احساس ڪمتري، وڃائڻ جو ڊپ، تيڻ لذت پرستي، محرومي ۽ جو احساس، نو دولتيو (Parvenu)تيڻ، ان کان علاوه خانداني احساس ڪمتري موروثي طور انسان جي نفسيات ۾ ٻه هوندي آهي جنهن جا ڪيترا ئي سبب آهن. ڊاڪٽر ايس جي برائون جو چوڻ آهي ته:

” تڪبر وڏائي دراصل ماڻهو جي اندر جي واهياتپڻي (Absurdity)۽ احساس ڪمتري مان جان ڇڏائڻ جي هڪ ڪوشش آهي، بلڪل ائين جو هڪ نارمل ۽ صحتمند ماڻهو، صحت جو خيال رکڻ جا جتن ڪونه ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح بهادري ڏيکارڻ وارو در اصل پنهنجي اندر جي بزدلي سان وڙهندو آهي.“ (6)

جڏهن ماڻهو ۾ ڪوٽ هجي ۽ خالي هجي ته پوءِ تڪبر ۽ ڏيکاءُ ئي ڪندو، جو ته وٽس علم ناهي،

لطيف فرمائي ٿو:

عالم آئون ساڻ، پرئو ٿو پير ڪري،
پاڻ نه آهي جاڻ، مانڊي منڊ پڪيڙئو.
(يمن ڪلياڻ 6/9)

مابعدالطبيعات جي سرحدن ۾ نه علم جي حد آهي ۽ نه ڪائنات جي حد آهي،انسان ته ڪجهه به ناهي جو آئون ساڻ ٿو پرجي، اهو ئي ڪمتريءَ جو احساس آهي جيڪو صرف علم سان ئي ختم ٿي سگهي ٿو، پر شاهه وٽ خانداني ( Hereditable ) ڪمتري به موجود آهي، مثال طور شاهه سائين فرمائي ٿو،

موکي چوکي نه ٿئي، اصل اوچي ذات،
وٽيون ڏيئي وات، متارا جنهن ماريا.
( يمن ڪلياڻ 6/10)

ها ٿي مڪمل ڪردار سيني ڪمترين ۽ مونجهارن کان آزاد نٿو ٿي سگهي پر اهو صرف انهيءَ احساس تي حاوي ٿي سگهي ٿو اهو صرف علم ساڻ ٿي سگهي ٿو،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اتي علم جي وصف ثوري مشڪل ٿي وڃي ٿي تہ علم رويو آهي، اخلاقيات آهي، ڄاڻ آهي، هنر آهي علم خدائي آهي يا مشا هداتي آهي ؟ پر حقيقت اها آهي تہ علم جي هڪ سادي وصف آهي تہ اها ڄاڻ آهي جنهن جي وسيلي ماڻهو پاڻ کي توازن ۾ رکي سگهي ٿو، هن دنيا ۾ جيئڻ جو ڍنگ اچي وڃي ٻئي جي آزاديءَ جو احترام، پنهنجي آزاديءَ جي حد کي سمجهي سگهي جذبا، رشتا ناتا، ڪلچر ۽ حالتن جي نزاڪت کي سمجهڻ، غور ۽ فڪر ڪرڻ علم جون حدون آهن

جڏهن علم پيدا ٿيندو تہ انسان جي قوت ارادي وڌندي.

علم اهو ذريعو آهي جنهن جي آڌار تي ماڻهوءَ جي EQ ۽ SQ مظبوط ٿئي ٿي ۽ ماڻهو توازن ۾ اچي ٿو. مادي يا روحاني آسائشن جي ڊوڙ جهالت آهي، هڪ طرف ڪردار روحاني عافيت جي پٺيان ساڌو، سنياسي، ٻنجي وڃن ٿا، ٻيا مادي آسائشن جي پٺيان جانور ٻنجي وڃن ٿا. ٻئي طريقا غلط ۽ انساني ناهن. شاهہ لطيف اشارو ڪندي چوي ٿو.

ســـائـــي ســـيـــلـــهـــي ســـيـــنـــگ، پـــئـــي آهـــي پـــٽ ۾،
ڪـــنـــهـــن جـــي آهـــي ڪـــيـــن، ڇـــڪـــيـــنـــدڙ ڇـــڏي ويـــا.
(جمن 23/ 10)

مايا جو موهہ آهي پر حاصل ٿيڻو ڪجهہ بہ ناهي سڀ ڪجهہ اتي ئي پيو هوندو.

شاهہ جي ذاتي زندگيءَ ۾ اسان کي EQ ۽ SQ جي مضبوطي ملي ٿي. شاهہ نہ تہ ڪڏهن ڪنهن تي هيج ڪيو نہ ئي وري دنيا کان منهن موڙيو. پنهنجي دنيا جي عشق جي طاقت کي يعني جنسي جذبي جي موهہ کي تخليق جي طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. دراصل جنسي طاقت ( Sex Power)، حياتياتي طاقت ( Vital Force) آهي انهيءَ کي رخ ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهائي زندگي آهي.

جڏهن توهان انهي طاقت کي مثبت رخ ڏيڻ شروع ڪندا ۽ انهيءَ طاقت کي تعميري رخ ڏيندا تہ خود بخود EQ ۽ SQ مظبوط ٿيندي.

هاڻ اسين ڏسنداسين تہ شاهہ جي شاعري جا ڪهڙا ڪردار ڪهڙي ذهانت رکن ٿا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه جو پهريون ڪردار هڪ سالم ماڻهو آهي. سالم ماڻهو عام عوام ناهي. عوام مختلف مونجهارن ۾ مختلف خيالن جو نالو آهي.

شاهه لطيف عام ماڻهو جنهن ۾ سمجهه ناهي انهيءَ اڳيان يا انهن جي وچ ۾ پاڻ کي توازن ۾ رکڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

ڳرين ۾ ڳريج، روئي ڪج مَ پدرا،
تان سوراٽي سهيج، جان ڪو لاهيندڙ لهين.

يا وري هي شعر ڏسو.

آيل آئونِ نه وسَهان، هنجون جي هارين،
آٽئو آب اکين مان، ڏيهه کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين سي نه رُونِ نه چون ڪن.
(جمن 1/22)

يا وري هي بيت ڏسو.

ويتي جني وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٺ جي حاصل هوءِ هزار جو.
(جمن 20 2/2)

شاهه لطيف، عالم، سالم ۽ سچي ماڻهوءَ جي سگهه ۽ اڪيلائي کي اڪثر ڳايو آهي پر ساڳي وقت سچي ۽ ڪوڙي ماڻهوءَ جي پرک ۽ ڪوڙي ۽ منافق کان پري رهڻ جي به تلقين ڪئي آهي شاهه لطيف وٽ اهڙا ڪردار عام آهن. ڊاڪٽر جانس چيو هو ته "ڊچو ان ڏينهن کان جڏهن جاهل کي به لکڻ پڙهڻ اچي ويندو". شاهه چوي ٿو :

امل آڇ مَ ان کي جي نه پروڙين مت،
جت گڏ جئي جو هري، ماڻڪ تنهن هٿ،
جن سون سين سٽ، تن هٽي ريءَ رد ڪئو.
(سريراڳ 4/9)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هنجن سندي هير، مون كينجهر سپ نهارئو،
سر ۾ پكي ڍير، پريان پارين كين كي.
(كارايل 2/3)

شاهه لطيف وٽ مكمل كردار ۽ سالم كردار لوڪ جا عام ماڻهو ناهن. شاهه لطيف فرمائي ٿو:

"انت نہ ڏجي عام كي، لوكان كجي لڪ" .
(سريراڳ/وائي)

شاهه لطيف وٽ، دنيا دريا مثل آهي پر ان ۾ كو كو ماڻهو تري ڄاڻي ٿو. هر ماڻهو يا عام ماڻهو نہ،

دنيا سپ دريا، كو كو تارون تنهن ۾،
هڪڙي لوپ لهر جي، ٻيو آتشي اوڙاهہ،
طالبان توڙان، موڙي چاڙهيون مكڙيون.
(سريراڳ7/6)

ڏنو وڃي تہ چارئي ذهانت جا پرت مرحلي وار آهن. وقت سان گڏ ۽ تجربي سان گڏ سيني ۾ تبديل ايندي آهي پر EQ ۽ SQ هڪ ٻئي سان وابستہ آهن. شاهه وٽ اهڙو ئي كردار" نوري" جو آهي. "نوري" غريب، خانداني طور مهاڻي، محروم طبقي جي ڇوكري هئي، جنهن ۾ مونجهارا (Complexes) تمام گهڻا ٿي سگهن ٿا، خاص طور سان جڏهن هوءَ بادشاهه جي گهر پرڻجي اچي تہ غرور، ڏيكاءُ، پاڻ پڏائڻ، وغيره ان ۾ پيدا ٿيڻ تہ قدرتي هئا، پر اتي "نوري" توازن ۾ رهي ٿي. منجهس غرور بجاءِ عاجزي ۽ انكساري موجود آهي.

عجب اجل هو، نوري جي نياز جو،
سمون سرتين ۾ مي موريچئو سو،
اَچئو ايين پوءِ، هجت ڀڳي راڻين.
(كاموڏ 2/8)

نوري جي كردار جي EQ مظبوط آهي، جيكا كيس توازن ۾ ركي ٿي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساڳئي وقت، سسئيءَ جي ڪردار جي EQ مظبوط آ هي جو هوءَ انتهائي قدم کڻي ٿي جنگل ۾ جبل رلي ٿي، پنهونءَ جي پويان. پر رومانسز جي انتها ۾ Abnormality شروع ٿئي ٿي توازن ختم ٿي وڃي ٿو. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ رومانس جي انتها ۾ Abnormality هوندي آهي پر اها وڏو انقلاب برپا ڪري ٿي ۽ اهو هڪ فرد جو سماج ۾ تحرڪ ۽ تبديلي آڻڻ لاءِ ضروري آهي. سسئيءَ کي سندس سپئي سهيليون سمجهائن ٿيون :-

مـــڙي مـــنـــد ڏي آيـــون، ســـرتـــيـــون ســـيـــئـــي،
وتـواصـو بـالـحـق وتـواصـو بـالـصـبـر * هـوءِ تـون هـتـيـئـي،
نـــہ تـــو ســـڱ نـــہ ســـڱـــيـــڻـــا، نـــہ ڏاڏاڻـــا ڏيـــهـــي،
تـــنـــي کـــي روئـــي، جـــڏو ڪـــيـــئـــي جـــمـــال کـــي.
(سر ديسي11/2)

پر سسئي، عشق جي لازاول جذبي کي صبر ۽ شڪر سان مائو نٿي ڪرڻ چاهي، هن جون تمام ذهني ڪيفيتون، سڀ هڪ ڳالهہ تي آماده آهن تہ زندگيءَ جو مقصد پنهون آهي، لمحي ضايع ڪرڻ کان بغير ئي حاصل ڪجي سسئي، پنهنجي سپني ذهني ڪيفيتن کي پنهنجي جدوجهد ۾ خرچ ڪري ٿي. دنيا جي وند و رڇ جي حساب سان، سسئي جي EQ ڪمزور پئجي ويئي ۽ چوي ٿي:

صـــبـــوح تـــائـــيـــن ســـور، ڪـــيـــر ســـهـــنـــدي ســـرتـــيـــون،
گـــهـــتـــيـــان رهـــن نـــہ گـــهـــٽ ۾، پـــيـــغـــامـــن جـــا پـــور،
آئـــون مـــيـــائـــي مـــنـــظـــور، هـــيـــئـــر هـــلـــنـــدي هـــوت ڏي.
(سر ديسي 11/6)

مان سمجهان ٿو سسئيءَ جو انتهائي قدم ڪو سماجي تحرڪ ۽ انقلاب جو سبب نٿو بنجي بلڪ ان جي مقابلي ۾ مارئيءَ جو قدم انقلابي آهي، سندس EQ ۽ SQ انتهائي مضبوط آهن پاڻ محلن ۾ قيد دوران بہ ثابت قدم رهي ٿي ۽ وطن ۽ مارن جي محبت تان هٿ نٿي کڻي يعني مارئيءَ جي روحاني قوت کيس مارن سان جوڙي رکي ٿي. اهڙي طرح سُهڻي جو قدم سندس IQ جي نشاندهي ڪري ٿو جو سندس مڙس کان ۽ سس کان بچندي دريا پار ڪري ميهار سان ملڻ وڃي ٿي جيتوڻيڪ اها سندس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رومانوي سگهہ آهي پر ايڏي وڏي بغاوت، دريا ترڻ، ميهار سان ملڻ ۽ موٽي اچي پنهنجو ماڳ سنڀالڻ وڏي ذهانت جي سڃاڻپ آهي. سهڻي جو ڪردار پيار ۾ محدود ۽ سماج ڪان ڪٽجي بغاوت ڪري ٿو، جتي اخلاقي قدر سماج ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ جو سبب بنجن اتي ذهانت انفرادي بغاوت ۾ ڪم ايندي آهي، مزاحمت ۽ بغاوت جو اهو رخ پنهنجي ذات لاءِ تعميري آهي، جنهن ۾ وجود کي پنهنجي اهميت ۽ حيثيت جو ڀرپور احساس ٿيندو آهي پر مزاحمتي ڪردار کي بہ توازن ۾ رهڻ جي ضرورت آهي. مومل ۽ راڻي جي قصي ۾ مومل جي ذهانت نہ پر سومل جي ذهانت اهم هئي مومل سراپا حسن هئي. حسن ڪا ذهانت ناهي پر راڻي جي IQ ۽ EQ مضبوط آهي پران جي SQ ڪمزور آهي جو هو شڪ جي بنياد تي فيصلو ٿو ڪري ۽ هميشہ پنهنجي پيار کي تياڳي ٿو ڇڏي. اها روايتي سوچ جي باوجود بہ راڻي جي EQ جي مضبوطيءَ جي سڃاڻپ آهي . راڻو جڏهن مومل جي ماڳ تي اچي ٿو تہ مومل کي ڪنهن مرد سان ستل ڏٺائين، ڇيو وڃي ٿو تہ اها سومل هئي جيڪا مردانا ڪپڙا پائي مومل سان ستي پئي هئي پر راڻي کي ڪهڙي خبر ڇوتہ سومل اهڙي طرح ستل هئي جو سندس منهن بہ لڪل هو ۽ ٻاهر جتي بہ مرداڻي رکيل هئي، اتي راڻو پنهنجي جذبن کي قابو ۾ رکي هليو ويو، مان سمجهان ٿو اها راڻي جي مضبوط EQ جي نشاني آهي.

اهڙي طرح ليلا جو ڪردار بہ ڪمزور آهي. پر ڪوئنرو جو ڪردار ذهين آهي، سندس IQ مضبوط اٿس پر حرفت ۽ ذهانت ۾ فرق آهي جنهن ڪري ڪوئنرو جي EQ ۽ SQ مظبوط نٿي چئي سگهجي. آخر ليلا يا مومل ليلائين ڇو ٿيون ؟ نفسياتي طور انهيءَ جو هڪ ئي سبب آهي تہ جڏهن ڪنهن کي نظر انداز ڪيو وڃي ۽ ٺڪرايو وڃي تہ ان جي اندر جي انا جاڳي پوندي آهي ۽ ڪيس پنهنجي وجود جي اهميت جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي، نتيجي طور اها عورت يا مرد ديوانو ٿي پنهنجي محبوب جو توجهہ حا صل ڪرڻ چاهيندو / چاهيندي آهي انسان جي وجود جو مسئلو اهو آهي تہ ڪيس تسليم ڪيو وڃي ۽ عشق سڀ ڪان وڏي مڃتا آهي ڪنهن کي تسليم ڪرڻ جي.

اسان ڏسنداسين تہ راءِ ڏياچ جو ڪردار مضبوط آهي، جيڪو پنهنجي روحاني طاقت سان پنهنجو وچن پاري ٿو ۽ موسيقيءَ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو، نہ تہ بادشاهہ هو، ٻيجل کي ڦاهي تي چاڙهائي ڇڏي ها، پر هن جي EQ مضبوط آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هو حرفتن ۽ چالاڪين ڪي سمجهي ٿو پر سندس ڪردار تمام گهڻو Sensational آهي. جنهن سر ۽ تند جي آلاپن ڪي راءِ ڏياچ پيو محسوس ڪري اهو علم ٻيجل وٽ ناهي جڏهن تہ وڄائي رهيو آهي:

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب اَهم اي،
جيئن هيٺن ايو هٿن سين جيئرو رکئو جيءُ،
رات منهنجو ريح ڪاٿئو تو ڪماچ سين.
(سورٺ 3/7)

ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ راءِ ڏياچ جي ذهانت صرف روحاني طرح تيز هئي پر سندس IQڪمزور هئي نہ تہ ڪو ٻيو رستو ڳولي ڪڍي ها يعنيWin + Win وارو.

شاھ لطيف وٽ مڪمل ڪردار جو آئيڊيل موجود آهي. شاھ جا سڀ ڪردار ۽ قصا دراصل ڪنهن نہ ڪنهن نظرئي ۽ خيال جي علامت آهن جن علامتن ذريعي شاھ پنهنجي فڪر کي بيان ڪيو آهي. بنيادي طرح هڪ صوفيءَ وٽ دنيا ۽ ڪردار ڪثرتي شڪليون آهن، هر ذرو پنهنجيءَ وحدت جو حصو آهي پر وحدت ناهي تنهن ڪري مڪمل ڪامل ٿي نٿو سگهي پر هن وٽ صرف مڪمل ٿيڻ جو آئيڊيل موجود آهي صوفي مت ۾ IQ پهرين ۽ رواجي اسٽيج آهي جنهن ۾ فرد جو دنيا سان وهنوار ٿئي ٿو ٻي اسٽيج EQ جي آهي جنهن سان فرد پاڻ کي توازن ۾ رکي ٿو هٺ ۽ وڏائيءَ کان پاسو ڪري ٿو ۽ انسان سان محبت ڪرڻ سکي ٿو. ٽئين اسٽيج SQ جي آهي جنهن سان فرد پاڻ کي سڃاڻي ٿو پنهنجي ڪثرتي شڪل کي روحاني طور ڪل ڪائنات سان جوڙي ٿو ۽ لافاني عشق جي شروعات ڪري ٿو دنيا جي رمزن ۽ پراسرار عبديت کي سمجهي ٿو ساڳئي وقت دنيا جي مفادن کي معمولي ۽ گهٽ سمجهي ٿو، وري هڪ صوفي وٽ PQجي اهميت ناهي، ڇو تہ صوفيءَ جو جسم هڪ قيد آهي، ڪاغذ جي ٻيڙي آهي جنهن کي فنا ٿي وڃڻو آهي، توهان ڏسندا تہ تاريخ ۾ سنياسي، ساڌو، ٻاوا، گوتم ٻڌ، گانڌي، ۽ اسان جي صوفين ڪڏهن جسم کي اهميت نہ ڏني. جسم جي اهميت ان حد تائين آهي تہ ان کي توازن ۾ رکجي دنيا جي لذتن جو ڪيس عادي نہ ٿاهجي. سرمائيداري سماج ۾ ذهانت جي سيني پرتن کي منافي لاءِ استعمال ڪيو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويندو آهي انهي ڪري PQ سرمائيداري سماج ۾ اهم آهي شو بزنس جي دنيا، ماڊلنگ،رانديون، ريسلينگ، سڀ PQ جي بنياد تي هلن ٿا انهن جي لاءِ ٻي ڪنهن ذهانت جي ضرورت ناهي پر ڪارخاني ۾ آفيس ۾ EQ جي ضرورت آهي ته جيئن نوڪري ڪرڻ وارو استحصال لاءِ تيار رهي سمجهوتو ڪري ۽ بغاوت نه ڪري جذبن کي قابو ۾ رکي اهڙيءَ طرح مئنجمينٽ، ليڊر شپ لاءِ به EQ جي ضرورت آهي جيئن ڪار وهنوار صحيح طرح هلائي سگهي. شاهه لطيف وٽ اهڙي ڪردار جو تصور ناهي جيڪو مارڪيٽ جو وڪر هجي،شاهه وٽ اهڙا ڪردار آهن جيڪي پنهنجي روحاني طاقت، پنهنجي مقصد جي سچائي ۽ روايتن کان بغاوت تي خرچ ڪن انهيءَ حوالي سان سهڻيءَ جو ڪردار انتهائي مضبوط آهي. هوءَ پنهنجي EQ ۽ SQ جي طاقت سان دريا پار ڪري ٿي. مينهن، طوفان، اونداهي دريا جي دهشت ۾ به مڪمل سالم آهي ۽ مقصد سان سچي آهي اهڙي طرح سسئي جي مزاحمت به گهٽ ناهي جيڪا صرف SQ جي مضبوطي سان ئي ٿي سگهي ٿي.

صوفيءَ وٽ ماديت ۽ روحانيت جو توازن گهٽ ملندو آهي پر شاهه لطيف وٽ اهو توازن موجود آهي، جنهن کي اسان سنڌ جو صوفي مت چونداسين. شاهه وٽ زندگي جي هر پرت ملندي. ماديت کان انڪار ناهي پر اها ميڪنيڪل ماديت ناهي مثال طور اچو ته هن بيت کي ڏسون:

اڳـــڻ تـــازي ٻـــاهـــر ڪـــنـــديـــون، پـــڪـــا پـــٽ ســـونـــهـــن،
ســرهــي ســيــج پــاســي پــريــن مــر پــيــا مــيــنــهــن وســن،
اســـــان ۽ پـــــريـــــن، شـــــل هـــــون بـــــرابـــــر ڏيـــــنـــــهـــــڙا.
(سارنگ 1/12 ڪلياڻ آڏواڻي )

هن بيت ۾ مڪمل مادي خو شحاليءَ جو اهڃاڻ موجود آهي، پر مادي ترقي، وطن جي ترقي، ساوڪ سونهن، وسندي سپ تڏهن سونهي ٿي جڏهن روح خوش هجي، پرين گڏ هجي اتي ظاهر ٿئي ٿو ته بنيادي طرح زندگي ڏانهن رويو اهم آهي ۽ صوفي مت ۾ رويو ئي اهم شيءِ آهي.

عام طور چيو ويندو آهي ته صوفي مت ۾ عشق ۽ عقل جي ويڙهه هوندي آهي پر حقيقت ۾ دنيا داري عقل سان آهي، ۽ عشق جذبن ۽ جنون سان آهي. وري ٻنهي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ به توازن ٿي سگهي ٿو اهو تڏهن جڏهن توهان جي روحاني طور جذبن جي طاقت مضبوط هجي. واپاري دنيا ۾ انهن چئن قوتن کي دنيا داري جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو مثال طور سٺو اڳواڻ، سٺي طرح ذميداري نباهڻ، سٺو مڙس، سٺي زال، سٺي سيڪيٽري، وغيره وغيره، پر شاهه لطيف وٽ انهن کان به وڏا مقصد آهن انهن مان هڪ اهم مقصد پاڻ سڃاڻڻ آهي پنهنجو جوهر ڳولڻ آهي. هڪ دفعو آئنسٽائن کان پڇيو ويو ته جي توهان کي خدا کان هڪ سوال پڇڻ جي اجازت ملي ته ڪهڙو سوال پڇندا؟

آئنسٽائن جواب ڏنو :

"Why was the Universe created? Because then I would know the meaning of my own life." (7)

ڪائنات ڇو تخليق ڪئي ويئي ؟ ڇو ته انهي جي جواب ملڻ مان مان اهو ڄاڻي سگهندس ته زندگي جي معنيٰ ڇا آهي.

شاهه لطيف جي فڪر ۾ زندگيءَ جو جوهر پاڻ طئي ڪرڻو آهي پر ان جو محور محبت ۽ انسانيت هجي جيڪو IQ کان شروع ٿي SQ تي پهچي ٿو، ساڳيءَ طرح گولمئن ڊينئل چوي ٿو :

" Life is mission not a career and the purpose of all our education and knowledge is so that we can better represent "Him" and serve that mission of life in His name and to war his purposes."(8)

شاهه لطيف وٽ آئيڊل شخصيت ۽ ڪامل هئڻ جو تصور علامتي طور موجود آهي سر ڪارايل ۾ هنج جو ڪردار ڪامل (Genius) آهي، جنهن وٽ ڏاهپ آهي پر شاهه وٽ ڏاهپ، ڏک جو سبب به آهي، سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا چار ئي ذهانت جا پرت ڏک کي وڌائين ٿا يا ڏک کي گهٽائين ٿا ؟

هنج سدائين ڏٻرا، پکي ٻيا مڇن،
ماري سندو من ۾ آهي، ورهه ويچارن،
ڪنبن ۽ ڪڍن، پٿون جي پاتار جا.
(ڪارايل2/14)

زندگيءَ جي باري ۾ ڪيترن ڏاهن جو اهو ئي رايو آهي ته زندگي ڏک آهي، اسان M. Scott Peck جي هن راءِ کي ڏسنداسين:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"Life is difficult, series of problems. This is the great truth, one of the greatest truths" (9)

علامہ آءِ آءِ قاضي زندگيءَ لاءِ فرمايو هو؛

"Life is not full of suffering but is "suffering" passion! I suffer therefore I am "(10)

ڪارل جنگ جو مشهور جملو آهي تہ

"Neurosis is always a substitute for legitimate suffering" (11)

پر شاھہ وٽ زندگي پيڙا جو نالو ناهي پر ڏاهپ اڄڻ ڪان پوءِ پيڙا شروع ٿئي ٿي.

" الا ڏاهـــــي مَّ ٿـــــيـــــان، ڏاهـــــيـــــون ڏک ڏســـــن "

يا ڪبير ڀڳت جو هي دوهو :

جــانــت ڪــو دکــهــ هــي، اجــانــت ڪــو ســکــهــراج،
مــورکــ بــچــارا ڪــيــا جــانــي، جــنــي پــيــٽ پــرڻ ســون ڪــاج.

انهيءَ ڏک کي منهن ڏيڻ لاءِ انساني ذهانت جا اهي پرت ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا ؟هڪ صوفي لاءِ اها آزمائش آهي تہ هو هن پراسراريت ۾ پاڻ کي ٿانيڪو ڪري. EQ ۽ SQ دراصل انهيءَ وجود جي اڄل کي ٿانيڪو ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي اهو ئي توازن آهي جيڪو شاھہ وٽ موجود هو.

## نتيجو (Conclusion):

1. جيئڻ هڪ فن آهي، جنهن فن کي ادا ڪرڻ لاءِ ذهانت جا مختلف پرت آهن جيڪي وڏائڻ سان ماڻهو جا گهڻا مونجهارا گهٽ ٿي سگهن ٿا.
2. تحقيق مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ تربيت، ماحول ۽ سکيا عملي طور ماڻهوءَ کي بدلائي ٿي. جيترا خاندان ۽ ٻڻ جا مونجهارا آهن انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ذهانت جا مختلف پرت وڏائڻ ضروري آهن.
3. پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ ڳولڻ لاءِ EQ ۽ PQ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.
4. زندگيءَ ۾ گهٽيون ئي شيون سيکاري نٿيون سگهجن پر سکي سگهجن ٿيون، مثال ليڊر شپ، پيار، ضمير، انساني رويا، روحاني قدر. وغيره



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

5. شخصيت کي گهڻ رخو ۽ پراسر بنائڻ لاءِ مادي حالتن جي محتاجيءَ جي بجاءِ، پنهنجي سوچ بدلائڻ جي ضرورت آهي. سوچ سان عمل بدلبو، عمل سان عادت بدلجندي، عادت سان ڪردار بدلبو ۽ ڪردار سان قسمت بدلبي.
6. شاهه لطيف وٽ عام ماڻهوءَ کان وٺي ڏاهي (Genius) ماڻهوءَ جو تصور موجود آهي.
7. شاهه جي ڪردارن جي ڪهاڻي هڪ مخصوص سماج جي قدرن ۽ روايتن کان وٺي لازوال آفاقي قدرن جي ڪهاڻي آهي ڪن ڪردارن جي EQ ۽ SQ ڪمزور آهي پر ڪي قدر سماجي روايتن مطابق وهنوار رکن ٿا.

تحقيق مان ثابت ٿيو تہ واپاري قدرن مطابق IQ، EQ، SQ ۽ PQ جا معيار الڳ آهن پر آفاقي ۽ روحاني قدرن ۾ ذهانت جا معيار الڳ آهن. مثال طور سهڻي ۽ سسئي بظاهر تہ دنيا جي وهنوار کان هٽي، غير عقلي ڪم ڪن ٿيون پر حقيقت ۾ اها سندن SQ ئي آهي جا هنن کي ايڏو وڏو قدم کڻڻ تي آماده ڪري ٿي. دنيا جا وڏا انقلابي ۽ فلسفي جيڪي دنيا کي بدلائڻ جا خواب ڏسندا آهن ۽ عملي طرح دنيا کي بدلائڻ جي جدوجهد ڪندا آهن انهن جي EQ ۽ SQ ذهانت جو درجو بلند هوندو آهي. مثال طور مهاتما گانڌي، ڪارل مارڪس، مدر ٽريسا، آئينسٽائن، اهڙا ڪردار هئا. سنڌ ۾ شاهه لطيف اهڙو ڪردار آهي جنهن جي EQ ۽ SQ مضبوط ترين هئي.

تحقيق مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ وحدت الوجودي فڪر جو بنياد، ذهانت جي عقلي پرت بجاءِ، روحانيت ۽ عشق جي پرت تي رکيل آهي. پنهي جي وچ واري ڪڙي SQ آهي جنهن ڪري هر صوفي جي SQ مضبوط هوندي آهي.

## حوالا

1. Empathy: Since empathy involves understanding the emotion states of other people, the way it is characterized is derivative of the way emotions themselves are characterized. If for example, emotions are taken to be centrally characterized by bodily feelings, then grasping the bodily feelings of another will be central to empathy. On the other hand, if emotions are more centrally characterized by a combination of beliefs and desires, then grasping these beliefs and desires will be more essential to empathy.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

The ability to imagine oneself as another person is a sophisticated imaginative process. However the basic capacity to recognize emotions is probably innate and may be achieved unconsciously. Yet it can be trained, and achieved with various degrees of intensity or accuracy.

2. Stephen R covey The 8th habit from effectiveness to greatness P52 Simon & Schuster London .2004
3. William Bloom, "Endorphin Effect" P112 UK Judy piakus publication 2001.
4. Stephen R covey "The 8th habit from effectiveness to greatness" P77 Simon & Schuster London .2004
5. Ibid, p 79.
6. J.A.C Brown "The Distressed Mind" p-55 Watts & Co 5&6 Johnson's court. street .EC-4 Second edition 1949
7. ' Stephen R covey "The 8th habit from effectiveness to greatness" P71-72 Simon & Schuster London .2004
8. Daniel Goleman "Working with emotional intelligence" p54 Harvard Business school press 2003.
9. M. Scott Peck "The Road less traveled" page 13 Great Britain by Hutchinson & Co 1983.
10. Allama .I.I Qazi "Casual Peeps at Sophia" p03 Sindhi Adabi Board Hyd 1977.
11. Bollinger Ser , The collected Work of C.G Jung p20 second edition Princeton university press 1973
12. شاهہ جا سيئي بيت " شاهہ جو رسالو " ڀانهي خان شيخ جي رسالي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي جي رسالي تان ورتا ويا آهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair